# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 2015

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2015

# سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جو سيڪيورٽي آرڊيننس، 2015

# THE SINDH SECURITY OF VULNERABLE ESTABLSHMENTS ORDINANCE, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. وصفون

Definitions

3. سيڪيورٽي ايڊوائزري ڪميٽي

Security advisory committee

4. ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Committee

5. ڪمزور اسٽيبلشمينٽس

Vulnerable establishments

6. ڪميٽي طرفان صلاح

Advice by the committee

7. ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي سڪيورٽي

Security of vulnerable establishments

8. عوامي جڳهن جي سڪيورٽي

Security of public places

9. اسٽيشن هائوس آفيسر طرفان جاچ پڙتال

Inspection by station house officer

10. وارننگ

Warning

11. ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي سيلنگ

Sealing of the vulnerable establishment

12. اپيل

Appeal

13. شاهدي فراهم ڪرڻ لاءِ مئنيجر

Manager to provide evidence

14. ڏنڊ

Penalty

15. ازالو ۽ سمري ٽرائل

Cognizance and summary trial

16. دائره اختيار تي پابندي

Bar of jurisdiction

17. ٻين قانونن کان اضافي

In addition to other laws

18. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

19. اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Over riding effect

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2015

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2015

# سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جو سڪيورٽي آرڊيننس، 2015

# THE SINDH SECURITY OF VULNERABLE ESTABLSHMENTS ORDINANCE, 2015

[16 مارچ 2015]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪمزور اسٽيبلشمينٽس کي موثر سڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ دهشتگردي ۽ ٻين ڏوهن کان بچائڻ لاءِ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي سڪيورٽي لاءِ انتظام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ جيئن جديد جاچ لاءِ ڊوائيسز جي استعمال سان شاهدي حاصل ڪري سگهجي ۽ ڏوهن جي پراسيڪيوشن ڪري سگهجي ۽ لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏئي سگهجي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن

ڪي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي سيڪيورٽي آرڊيننس، 2015 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a)"ڪوڊ" مطلب ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو ايڪٽ V)؛

(b)"ڪميٽي" مطلب هن آرڊيننس جي دفعه 3 تحت جوڙيل سڪيورٽي ايڊوائزري ڪميٽي؛

(c)"ڊپٽي ڪمشنر" مطلب ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر؛

(d)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e)"ضلعي پوليس جو سربراهه" مطلب ضلعي ۾ سينئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس؛

(f)"مئنيجر" مطلب ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو مالڪ يا قبضو رکندڙ ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو ڪمزور اسٽيبلشمينٽ کي سنڀالڻ لاءِ مالڪ يا قبضو رکندڙ طرفان ملازمت تي رکيو ويو هجي يا بااختيار بڻايو ويو هجي؛

(g)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(i)"سڪيورٽي انتظام" مطلب موثر طبي ۽ فني

سڪيورٽي انتظام جنهن ۾ شامل آهن ڪلوز سرڪٽ ٽيليويزن ڪيمرائن، بايوميٽرڪ سسٽم، واڪ ٿرو گيٽس، سڪيورٽي الارم ۽ ٻين جديد گيجيٽريز جو لڳائڻ ۽ بهتر نموني ڪم ڪرڻ؛ ۽

(j) "ڪمزور اسٽيبلشمينٽ" مطلب عبادت جي جڳهه يا ڪا ٻي مذهبي جڳهه، سرڪاري حساس دفتر، وفاقي حڪومت، غير سرڪاري تنظيم يا پرڏيهي پروجيڪٽ، اسپتال، بئنڪ، مني چينجر، مالياتي ادارو، فرم يا ڪمپني جو دفتر، صنعتي يونٽ، تعليمي ادارو، پبلڪ پارڪ، نجي ڪلينڪ، شادي هال، پيٽرول يا سي اين جي اسٽيشن، جيولري شاپ، هوٽل، دل وندرائڻ يا تفريح جو مرڪز، پبلڪ ٽرانسپورٽ ٽرمينل، اسپيشل بازار، ڪمرشل اسٽريٽ، دڪان يا شاپنگ آرڪيڊ جيڪو هن آرڊيننس تحت ڄاڻايو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| سڪيورٽي ايڊوائزري ڪميٽي Security advisory committee | 3.(1) ڊپٽي ڪمشنر هر سب ڊويزن ۾ هڪ ايڊوائيزري ڪميٽي جوڙيندو جيڪا چيئرپرسن طور سب ڊويزنل پوليس آفيسر ۽ هيٺين ميمبرن تي ٻڌل هوندي: |

(a) بي ايس 16 يا وڌيڪ ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن جو هڪ نمائندو؛

(b) بي ايس 16 يا مٿي ۾ پوليس جي اسپيشل برانچ مان هڪ عملدار؛

(c) بي ايس 16 يا وڌيڪ ۾ ڪائونٽر ٽيررزم ڊپارٽمينٽ جو هڪ عملدار؛ ۽

(d) واپارين، آبادگارن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز جا ٽي نمائندا.

(2)ڪميٽي جو ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي هڪ سال جي عرصي لاءِ عهدو رکندو ۽ هڪ وڌيڪ مدي لاءِ اهل هوندو پر ڊپٽي ڪمشنر ٻيهر وڌيڪ هڪ مدي لاءِ کيس نامزد ڪري سگهي ٿو.

(3)ڪميٽي جو ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي ڊپٽي ڪمشنر کي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سندس جڳهه تي رهيل مدي لاءِ ٻئي ميمبر کي نامزد ڪري سگهي ٿو.

(4)ڪميٽي جو ڪو آرڊيننس يا ڪارروائي ڪميٽي ۾ ڪنهن آسامي يا ڪميٽي جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نہ هوندو.

(5)ڪميٽي مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪندي اهڙي وقت ۽ هنڌ تي جيڪو چيئرپرسن طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

(6)ڪميٽي پنهنجي گڏجاڻين ۾ ڪاروهنوار جي ڏي وٺ اهڙيءَ ريت ڪندي يا ٻي صورت ۾ جيئن بيان ڪيو ويو هجي پر جيستائين اهڙيءَ ريت بيان ڪيو وڃي، تيستائين چيئرمين طئي ڪندو.

**ڪميٽي جا ڪم**
**Functions of the Committee**

4. (1)ڪميٽي ڪندي:

(a)اسٽيبلشمينٽس جي سڃاڻپ ڪندي ۽ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس طور نوٽيفڪيشن ۾ تجويز ڪندي؛

(b)تہ ماهي جي بنياد تي ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي جاچ پڙتال ڪرڻ؛

(c)ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي مئنيجر کي اهڙن سڪيورٽي انتظامن لاءِ لکت ۾ صلاح ڏيڻ، جيئن ضروري

هجي، اهڙن خطري جي تاثر جي بنياد تي، اسٽيبلشمينٽ جي نيڪال تي وسيلن ۽ ٻين لاڳاپيل فيڪٽرز جي بنياد تي؛ ۽

(e)ڪنهن صلاح تي عمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ضلعي پوليس جي سربراهہ کي رپورٽ اماڻڻ.

(2)ڪميٽي هڪ ذيلي ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙي سب ڪميٽي کي ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي تہ ماهي جاچ پڙتال جو ڪم حوالي ڪري سگهي ٿي.

ڪمزور اسٽيبلشمينٽس
Vulnerable establishments

5. (1)ڪميٽي سيڪاٽپ ڪندي ۽ ڊپٽي ڪمشنر کي اسٽيبلشمينٽ ڪمزور اسٽيبلشمينٽ طور نوٽيفڪيشن لاءِ تجويز ڪندي.

(2)ڊپٽي ڪمشنر نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن اسٽيبلشمينٽ جو ڪمزور اسٽيبلشمينٽ طور اعلان ڪندو ۽ ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي فهرست جوڙيندو ۽ سالياني بنيادن تي تازه ترين فهرست جاري ڪندو.

(3)ڊپٽي ڪمشنر نوٽيفڪيشن ذريعي ڪميٽي جي سفارش تي يا ٻي صورت ۾، ڪمزور اسٽيبلشمينٽ کي ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي فهرست مان خارج ڪري سگهي ٿو.

(4)ڊپٽي ڪمشنر ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي فهرست جي نقل ۽ نظرثاني ٿيل فهرست حڪومت، ضلعي پوليس جي سربراهہ ۽ ضلعي ۾ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرز کي فراهم ڪندو.

ڪميٽي طرفان صلاح
Advice by the

6.(1)ڪميٽي اهڙي ڪنهن اسٽيبلشمينٽ جي مئنيجر کي سڪيورٽي انتظامن لاءِ مشورو ڏيندي ۽ مئنيجر ڪميٽي جي مشوري تي اهڙي موزون وقت دوران ضروري سڪيورٽي انتظام

committee

ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

(2)ذيلي دفعہ (3) تحت ڪميٽي پنهنجي مشوري تي ساليانو نظرثاني ڪندي ۽ جيڪڏهن ضروري هجي نظرثاني ٿيل مشورو ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي مئنيجر کي ڏيندي ۽ مئنيجر نظرثاني ٿيل مشوري تي اهڙي وقت اندر عمل ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

(3)ڪميٽي، جيڪڏهن حالتون اهڙيون هجن ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي مئنيجر کي سال مڪمل ٿيڻ کان اڳ نظرثاني ٿيل مشورو ڏئي سگهي ٿي ۽ مئنيجر اهڙي مشوري تي اهڙي وقت اندر عمل ڪندو جيئن ڪميٽي طئي ڪري.

**ڪمزور اسٽيبلشمينٽس جي سڪيورٽي**
**Security of vulnerable establishments**

7.ڪمزور اسٽيبلشميبٽ جو مئنيجر ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي تحفظ لاءِ مناسب ۽ ڪافي سڪيورٽي انتظام ڪندو ۽ ڪميٽي جي مشوري تي مشوري ۾ ڄاڻايل وقت اندر عمل ڪندو.

**عوامي جڳهن جي سڪيورٽي**
**Security of public places**

8.مڪاني حڪومت يا ٻي ڪا مقامي اختياري روڊن جي صفائي کي يقيني بڻائيندي، گهٽين کي ملبي يا تعميراتي سامان کان صاف ڪندي، روزاني بنيادن تي گند ڪچري جا هنڌ مقرر ڪندي، مين هولز کي بند ڪرائيندي ۽ پگهل واٽر سپلاءِ پائيپن کي هٽائيندي تہ جيئن اهڙي ڪنهن هنڌ تي ڌماڪيدار مادو لڪائي نہ سگهجي.

**اسٽيشن هائوس آفيسر طرفان جاچ**

9.اسٽيشن هائوس آفيسر ڪنهن بہ وقت تي ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي

رپورٽ ضلعي پوليس جي سربراهہ کي آگاهي سان ڪميٽي جي چيئرپرسن کي جمع ڪرائي سگهي ٿو.

**پڙتال**
**Inspection by station house officer**

**وارننگ**
**Warning**

10.(1)جيڪڏهن ڪميٽي مطمئن آهي ڪنهن ذريعي کان حاصل ڪيل معلومات جي بنياد تي يا ذيلي ڪميٽي يا اسٽيشن هائوس آفيسر جي جاچ رپورٽ مان تہ ڪميٽي جي مشوري موجب ڪمزور اسٽيبلشمينٽ تي سڪيورٽي انتظام ناهن ڪيا ويا تہ ڪميٽي ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي مئنيجر کي ان جي مشوري جي پيچڪڙي ڪرڻ تي لکت ۾ وارننگ جاري ڪري سگهي ٿي.

(2)ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو مئنيجر اهڙي وارننگ جي ليٽر ۾ ڄاڻايل اهڙي وقت اندر ڪميٽي جي مشوري تي عملدرآمد ڪندو.

**ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي سيلنگ**
**Sealing of the vulnerable establishment**

11.(1)جيڪڏهن ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو مئنيجر ڪميٽي جي مشوري تي ڏنل وقت اندر عملدرآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ ڪميٽي ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي مڪمل يا عارضي سيلنگ جي هدايت ڪري سگهي ٿي يا ان جي آپريشنز کي مشوري تي مڪمل طور عملدرآمد ۽ مطمئن ڪندڙ سڪيورٽي انتظامن ٿيڻ تائين ملتوي ڪري سگهي ٿي يا مئنيجر لکت ۾ حلف کڻي تہ اهو اهڙي وڌيڪ وقت اندر ايئن ڪندو جيئن ڪميٽي اجازت ڏئي.

(2)اسٽيشن هائوس آفيسر هن دفعہ تحت ڪميٽي جي هدايت تي عملدرآمد ڪندو ۽ اهڙي مقصد لاءِ اهڙي طاقت

| | |
|---|---|
| | جو استعمال ڪندو جيڪا ضروري هجي. |
| اپيل<br>Appeal | 12.(1)ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو مئنيجر مشوري، وارننگ يا سيلنگ يا ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي آپريشنز جي ملتوي ڪرڻ جي هدايت ملڻ جي ٽن ڏينهن اندر مشوري، وارننگ يا سيلنگ يا آپريشنز جي ملتوي ڪرڻ جي هدايت خلاف لاڳاپيل ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس کي اپيل ڪري سگهي ٿو. |
| | (2)ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس درخواست ڪندڙ ۽ ڪميٽي جي نمائندي کي ذاتي طور ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو اهو ضروري سمجهي ۽ اهڙو حڪم حتمي هوندو. |
| | (3)ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جيترو جلدي ٿي سگهي اپيل کي نيڪال ڪندو پر ستن ڏينهن کان وڌيڪ وقت نه وٺندو ۽ فيصلي بابت فوري طور تي درخواست گذار ۽ ڪميٽي کي آگاهه ڪندو. |
| | (4)ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو ڊائريڪٽر ڪميٽي جي مشوري تي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي حڪم جي روشني ۾ اهڙي وقت اندر عملدرآمد ڪندو جيڪو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس طرفان ڏنو ويو هجي. |
| شاهدي فراهم ڪرڻ لاءِ مئنيجر<br>Manager to provide evidence | 13.ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جو مئنيجر ڏوهه جي اهڙي گواهي پوليس يا ڪنهن ٻي جاچ ايجنسي کي فراهم ڪندو جيڪا ان ڪمزور اسٽيبلشمينٽ جي سڪيورٽي انتظامن ذريعي حاصل ڪئي هجي. |

| | |
|---|---|
| ڏنڊ<br>Penalty | 14.جيڪڏهن ڪو شخص ڄاڻي واڻي دفعہ 10 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا دفعہ 11 ۽ دفعہ 12 تحت جاري ڪيل هدايت تي عملدرآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا دفعہ 11 تحت کنيل حلف تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا دفعہ 13 تحت جاچ ايجنسي کي شاهدي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪو ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو پنجيتاليهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو. |
| ازالو ۽ سمري ٽرائل<br>Cognizance and summary trial | 15.(1)هن آرڊيننس تحت ڏوهہ ازالي لائق ۽ ضمانت نہ ٿيڻ جوڳو هوندو.<br>(2)جڊيشل مئجسٽريٽ هن آرڊيننس تحت ڏوهہ جي ٻڌڻي سمري ٽرائلز سان لاڳاپيل ڪوڊ جي باب XXII جي گنجائشن تحت ڪندو. |
| دائره اختيار تي پابندي<br>Bar of jurisdiction | 16. ڪو مقدمو ڪيس يا ٻي ڪا قانوني ڪارروائي ڪميٽي يا ڪميٽي جي هدايت تي ڪم ڪندڙ ڪنهن ٻئي شخص يا حڪومت خلاف نہ ڪئي ويندي، ڪنهن بہ ڪم جي ڪري جيڪو سٺي نيت سان ڪيو ويو هجي يا هن آرڊيننس تحت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو هجي. |
| ٻين قانونن کان اضافي<br>In addition to other laws | 17. هن آرڊيننس جون گنجائشون اضافي هونديون ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءَ ۾ نہ هونديون. |

| | |
|---|---|
| 18.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 19.هن آرڊيننس جي گنجائشن کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ حاصل هوندو جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي. | اوور رائيڊنگ افيڪٽ<br>Over riding effect |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |